
# ١٠. اَڪبر بيربل

پڙهو. پڙهو ۽ سمجهو.



هڪ دفعي اَڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ هڪ شخص آيو. اَڪبر بادشاهہ جي اڳيان هن هڪ شرط رکيو ”توهان جي دربار مان ڪير بہ منهنجي ماترياشا ڪي سڃاڻي، نہ تہ توهان قبول ڪيو تہ توهان جي دربار ۾ سڀ بيوقوف آهن.“

درٻارين هن کان الڳ الڳ ٻولين ۾ سوال ڪيا. هن هر ڪنهن جا هر ٻوليءَ ۾ جواب ڏنا. هوُ هر ڀاشا ۾ اَهڙي نموني ڳالهائي رهيو هو جڻ تہ اُهائي هن جي ماترياشا هجي.

آخر ۾ هن اَڪبر بادشاهہ کي چيو ”مان توهانکي پنهنجي ماترياشا سڃاڻڻ لاءِ هڪ هفتي جو وقت ڏيان ٿو. ٻڌايو منظور اَٿو؟“ اَڪبر بادشاهہ بيربل ڏانهن اِشارو ڪيو. جنهن ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. اَڪبر بادشاهہ اُن شخص کي چيو، ”تنهنجو شرط منظور آهي.“

پرديسي شخص کي محلات ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو. رات جي وقت جڏهن هو گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو تہ بيربل هن جي ڪمري ۾ آيو ۽ هن هِڪُ ڪَکُ کڻي هن جي ڪن ۾ گهمايو. شخص پنهنجو پاسو ورائي ۽ ڪن کي مهٽي وري سمهي پيو. بيربل وري ٻيو دفعو ساڳئي حرڪت ڪري لڪي بيٺو.

”اَڙي! ڪير آهي مونکي ننڊ ۾ پريشان ڪري رهيو آهي؟“ اِئين چئي سمهي پيو.

پورن ستن ڏينهن ڪانپوءِ شخص دربار ۾ حاضر ٿيو. بيربل الڳهہ الڳهہ ٻولين ۾ هن سان ڳالهايو. آخر ۾ هن چيو ”جهان پناهہ هن جي ماترياشا سنڌي آهي.“ اِهو ٻڌي شخص حيران ٿي ويو.

اڄ پهريون دفعو ڪوئي هنجي ماترياشا سڃاڻي سگهيو آهي هن بيبرل جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي ۽ چيو ”ڏنيہ آهي ڀارت ورش، جتي تو جهڙا عقلمند رهندا آهن.“

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ اَڪبر بيربل کان پڇيو ”بيربل تو اَهڙو ڏکيو ڪم ڪيئن ڪيو؟“

بيربل چيو، ”جهان پناهہ جنهن وقت اِنسان ڪروڌ ۾ هوندو آهي تنهن وقت هو پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو آهي پوءِ بيربل اُن رات واري سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي سڀني درٻارين بيربل جي ساراهہ ڪئي ۽ اَڪبر بادشاهہ پنهنجي ڳلي جو هار لاهي بيربل کي ڏنو ۽ هن جي عزت وڌائي.

**نوان لفظ:**

حيران ٿيڻ = عجب ۾ پئجي وڃڻ  پريشان ڪرڻ = تنگ ڪرڻ  حرڪت = ڪيچل، ڪروڌ، غصو

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ آيل شخص ڪهڙو شرط رکيو؟
٢) آيل شخص ماتر ڀاشا سڃاڻڻ لاءِ اَڪبر بادشاهہ کي گهڻو وقت ڏنو؟
٣) بيربل پرديسيءَ جي ڪمري ۾ ڇو ويو؟
٤) پرديسيءَ جي ماتر ڀاشا ڪهڙي هئي؟

**سوال ٢: هيٺين جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) بيربل پرديسيءَ جي ماتر ڀاشا ڪيئن سڃاڻي سگهيو؟

**سوال ٣: هيٺان جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن.**

١) ”اَڙي! ڪير آهي؟ مونکي ننڊ ۾ پريشان ڪري رهيو آهي.“
٢) ”جهان پناهہ هن جي ماتر ڀاشا سنڌي آهي.“

**سوال ٤: (الف) هيٺين جا ضد لکو:**

آخر، حاضر، ساراهہ، عقلمند

**(ب) خال ڀريو:**

١) بيربل وري ٻيو دفعو ساڳئي ----- ڪئي.
٢) پرديسيءَ شخص کي ------ ۾ هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو.
٣) پورن ------ ڏينهن ڪانپوءِ پرديسي دربار ۾ حاضر ٿيو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) ٽڪرتِي عملي ڪم.**

پرديسي شخص کي محلات ۾ ............................................ عقلمند رهندا آهن.“

**(i) هيٺ ڏنل ’صفت‘ ۽ ’اِسم‘ ڪالمن ۾ مناسب لفظ لکو :-**

| صفت | گهري | پنهنجو | --- |
|---|---|---|---|
| اِسم | -- | -- | دفعو |

**(ii) هيٺين جملن جو سلسلو ٺاهي لکو**

١) پورن ستن ڏينهن ڪان پوءِ شخص دربار ۾ حاضر ٿيو.
٢) شخص کي محلات ۾، هڪ ڪمري ۾ رهايو ويو.
٣) اِهو ٻڌي شخص حيران ٿي ويو.
۴) جهان پناهه، هن جي ماترڀاشا سنڌي آهي.

LXUHV2

**(iii) هيٺين لفظن مان جملا ٺاهي لکو:-**

١) محلات، رات، ماتر ڀاشا، حيران، ساراهه

**(iv) هيٺين جا عدد جمع لکو:-**

(١) ڪمرو، ڪَنُ، ٻولي، رات، وزيرُ.
(٢) اَڪبر - بيربل وانگر ’وتايو فقير‘ جا ٽوٽڪا هٿ ڪريو ۽ توهان کي وٽندڙ ٽوٽڪو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌايو.
(٣) پنهنجي ماتر ڀاشا تي ١۵ کان ٢٠ جملا لکو.
(۴) تينالي راما جا قصا به مشهور آهن. اِنٽرنيٽ ذريعي يا لئبرريءَ ۾ وڃي پڙهي ڪوبه هڪ قصو پنهنجن لفظن ۾ لکو.
(۵) ’’ڀارت ديش مهان‘‘ اِن وشيه تي مضمون لکو.
(٦) هيٺين مهان نارين جي نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

